هفتيوار رسالو

# آڱوٺا چُمڻ جون برڪتون



اذان جي وقت آڱوٺا چُمڻ جو ثواب

تُرڪ عاشقانِ رسول جو محبت ڀريو انداز

موقعن تي آڱوٺا نه چُمو

آڱوٺا چُمڻ جي باوجود جيڪڏهن
عينڪ پائڻ هجي ته

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **آڱوٺا چُمڻ جون برڪتون**
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي
پهريون دفعو : جُمادي الثاني 1447ھ، دسمبر 2025ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# آڱوٺا چمڻ جون برڪتون

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**
**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ”آڱوٺا چُمڻ جون برڪتون“

**دعاءِ عطار :** ياربّ العزت! جيڪو بہ 28 صفحن جو هي رسالو ”آڱوٺا چُمڻ جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي هميشہ اذان ۽ اقامت ۾ آڱوٺا چُمڻ جي سعادت عطا فرماءِ ۽ آخري ساهہ تائين اُن جي اکين جو نور سلامت رک ۽ ماءُ پيءُ سميت سندس بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

# مغفرت جو سبب بڻجندڙ درود شريف

عاشق رسول حضرتِ علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکي ٿو تہ: (مراڪش جي شهر) فاس ۾ هڪ عاشقِ رسول خاتون رهندي هئي. اُن کي جڏهن بہ ڪا پريشاني پهچندي يا هوءَ گهٻرائجي ويندي هئي تہ اها پنهنجا ٻئي هٿ منهن تي رکي، اکيون بند ڪري چوندي هئي: محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). (مصطفيٰ جي نالي جي برڪت سان سندس پريشاني دور ٿي ويندي هئي).

جڏهن اُن عاشق رسول خاتون جو انتقال ٿيو تہ ڪنهن رشتيدار کيس خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ: ”پُڦي ! ڇا توهان قبر ۾ سوال ڪندڙ بہ ملائڪ منڪر نڪير ڏٺا؟“

فرمايائين: ها! هو مون وٽ آيا هئا، مون کين ڏسي پنهنجي عادت موجب ٻئي هٿ منهن تي رکي چيو: محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)، جڏهن مون منهن تان پنهنجا هٿ هٽايا تہ اهي ٻئي وڃي چڪا هئا.

(شواهد الحق، ص 230)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ سندن صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

ہے تو نام محمد سہارا اپنا اسی سے چلتا ہے گزارا اپنا
ہمیں طوفاں کی موجوں کا کچھ خوف نہیں ہم اسی نام سے پالیں گے کنارا اپنا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آڱوٺا چو ناهيو چمندا؟

تقريباً 700 سال پهريان جي مُفسرِ قُرآن حضرتِ شيخ نورالدين خراساني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه، مؤذن کي اذان ۾ ”اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللهِ“ چوندي ٻڌو ته پاڻ پنهنجا ٻئي آڱوٺا چُميا ۽ سندن ننهن پنهنجي پنبڻين تي لڳايا. جڏهن ٻئي پيري مؤذن اُهي ڪلما پڙهيا ته وري به ائين ڪيائين.

پاڻ کان اُن عمل جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: ”آئون پهرين آڱوٺا چُمي اکين تي هٽندو هيس پر پوءِ ائين ڪرڻ ڇڏي ڏنم ته منهنجون اکيون خراب ٿي ويون. مون خواب ۾ پياري پياري آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي ته پاڻ فرمايائون: ”تو اَذان جي وقت اکين تي آڱوٺا هٽڻ چو ڇڏي ڏنا؟ جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته تنهنجون اکيون نيڪ ٿي وڃن ته وري آڱوٺا چُمڻ شروع ڪري ڏي“، پوءِ آئون بيدار ٿيس ۽ مون آڱوٺا چُمڻ جو عمل ڪيو ته منهنجون اکيون نيڪ ٿي ويون ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ! اُن ڪانپوءِ اڄ تائين منهنجون اکيون ڪڏهن به خراب نه ٿيون آهن.“

(حاشيه علي ڪفاية الطالب الرباني، 170/1)

الله پاڪ جي مٿس رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

نامِ مُحمد کتنا میٹھا میٹھا لگتا ہے پیارے نبی کا ذکر بھی ہم کو پیارا لگتا ہے

آؤ سنائیں اپنے پیا کو اپنے مَن کی بات ان کے علاوہ کون نیازی اپنا لگتا ہے

**اي عاشقانِ رسول!** نام ”محمد“ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي محبت ۽ تعظيم سان آڱوٺا چُمڻ مسلمانن جو شروع کان معمول رهيو آهي، بلڪ اهو مبارڪ عمل سڀني انسانن جي والد محترم حضرتِ آدم صَفِيُّ اللّٰهِ عَلَيۡهِ السَّلَام کان بہ ثابت آهي ۽ يقيناً سعادت مند اولاد سنُن ڪمن ۾ پنهنجي والد جي پيروي ڪندو آهي.

## حضرتِ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام آڱوٺا چميا

ٽي سو سال پهريان جي بزرگ شيخ اسماعيل حقي حنفي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه (وفات: 1137 ھ) تفسير قُرآن ”رُوحُ البَيَان“ ۾ لکي ٿو تہ: هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرتِ آدم صَفِيُّ اللّٰهِ عَلَيۡهِ السَّلَام جي پٺيان ملائڪ ايندا هئا. جڏهن پاڻ پڇيائون تہ ائين ڇو ٿا ڪن؟ تہ ٻڌايو ويو تہ ”اوهان جي پُٺيءَ ۾ نورِ مصطفيٰ آهي جنهن جي هي زيارت ڪن ٿا، اِهُو ئي هلي هي آخري نبي بڻجي ظاهر ٿيندا.“

پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام دعا ڪئي: ”يا اللّٰه پاڪ! اُن نور کي پٺيان بدران اڳيان ظاهر ڪر تہ جيئن ملائڪ پٺيان کان زيارت ڪرڻ نہ اچن.“ اُن کان پوءِ اهو نور پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيشانيءَ ۾ چمڪڻ لڳو ۽ ملائڪ سامهون کان زيارت ڪرڻ لڳا.

وري پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اللّٰه جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يا اللّٰه! آئون بہ نورِ مصطفيٰ ڏسڻ چاهيان ٿو. ائين اهو نور سندن آڱوٺن ۾ ظاهر ٿي ويو ۽ پاڻ آڱوٺا چُمي ورتائون.

(تفسير روح البيان، پ 22، الاحزاب، تحت الآية:56، 229/7 ماخوذاً، الروض الفائق، ص 241 ملتقطاً)

## اسان آڱوٺا ڇو چمندا آهيون؟

سُبۡحٰنَ اللّٰه! نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ محبت ۾ جيڪي عاشقِ رسول عقيدت سان پنهنجا آڱوٺا چُمي اکين سان

لڳائيندا آهن، اهي رحمتِ خداونديءَ جا حقدار آهن، چو ته اللّٰه پاڪ قُرآنِ ڪريم ۾ هر مؤمن کي پنهنجي پياري پياري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي.

جيئن ته سيپارو 26، سورت الفتح، آيت نمبر 9 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴾ ترجمو ڪنزُالعِرفان: ”ته جيئن (اي انسانو!) توهان اللّٰه ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪريو ۽ صبح ۽ شام اللّٰه جي پاڪي بيان ڪريو.“

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هن آيتِ سڳوري جي باري ۾ تمام پياري گفتگو آسانيءَ سان پيش ڪيان ٿو، پاڻ فرمائن ٿا:

اللّٰه پاڪ پنهنجي حبيب مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سچي محبت، دل ۾ سچي عظمت ڏئي ۽ اُن تي ئي اسان سيني جو خاتمو ڪري. اٰمِيْن يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن.

مسلمانو! ڏسو، توهان جي موليٰ تبارڪ و تعاليٰ جو دينِ اسلام موڪلڻ ۽ قُرآنِ مجيد نازل ڪرڻ جو مقصود ئي ٽي ڳالهيون ٻڌائڻ آهي:

(1) ماڻهو اللّٰه ۽ رسول تي ايمان آڻين.

(2) رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪن.

(3) اللّٰه پاڪ جي عبادت ۾ رهن.

مسلمانو! انهن ٽنهي اهم ترين ڳالهين جي خوبصورت ترتيب ته ڏسو، سڀ کان پهرين ايمان جو ذڪر فرمايو ۽ سڀ کان آخر ۾ پنهنجي عبادت جو ۽ وچ ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم جو، ان لاءِ جو بغير ايمان جي تعظيم فائدو نه ڏيندي چو ته هي ظاهري تعظيم ٿي، دل ۾ حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سچي عظمت

هجي ها تہ ضرور ايمان آڻي ها، وري جيستائين نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي تعظيم نہ هجي، سجي عمر عبادتِ الهيٰ ۾ گذاري، سڀ بيڪار ۽ مردود آهي. (فتاويٰ رضويه، 30. /308'307 ملخصاً)

وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو "تَمْهِيْدِ اِيْمَان بِآيَاتِ قُرْآن"، هي رسالو فتاويٰ رضويہ جي 30 هين جلد ۾ صفحو نمبر 305 کان 358 تي آهي، هر مسلمان کي هي رسالو ضرور پڙهڻ گهرجي.

تاج رکھا ترے سر رفعنا کا — کس قدر تیری عزّت بڑھائی ہے

(سامانِ بخشش،ص 192)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نامِ محمد چُمڻ سان بخشش ٿي وئي

اي عاشقانِ رسول! مٿي بيان ڪيل آيتِ سڳوري ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ جو مطلق طور تي فرمايو ويو آهي، ڪو قيد بيان ناهي ٿيو تہ هن طرح تعظيم ڪريو ۽ هن طرح نہ ڪريو. لهٰذا جيڪڏهن ڪو نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌي محبت ۽ عقيدت سان آڱوٺا يا ڪلمي جي آڱرين جي پورن کي چُمي اکين سان هٽي تو تہ اُن کي تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرڻ جو عظيم الشان ثواب ملندو، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ سندس ادب جو هي انداز سندس مغفرت جو سبب بڻجي وڃي. جيئن تہ:

## مُحمد ناءُ چمڻ سان بخشش ٿي وئي

حضرتِ وهب بن منبہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ هڪ ماڻهو هو جيڪو ٻہ سؤ سالن تائين الله پاڪ جي نافرماني ڪندو رهيو. جڏهن هو فوت ٿي ويو تہ ماڻهن کيس ٽنگن کان گِهيلي گندگيءَ جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو.

الله پاڪ حضرتِ موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ وجي سندس نمازِ جنازه پڙهي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: ياالله پاڪ! بني اسرائيل چون ٿا تہ هو بہ سؤ سالن تائين تنهنجي نافرماني ڪندو رهيو آهي.

الله پاڪ ارشاد فرمايو: هو اهڙو ئي هو پر هو جڏهن بہ توريت کوليندو هو ۽ نامِ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڏسندو هو تہ اُن کي چُمي اکين سان هٽندو هو ۽ مٿس درود پڙهندو هو. بس مون سندس اهو عمل قبول ڪري ان جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ 70 جنّتي حُورن سان اُن جو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي. (حلية الاولياء، 45/4، رقم: 4695)

تعظیم جس نے کی محمد کے نام کی
خدا نے اُس پہ نارِ جہنم حرام کی

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي کي وڏن وڏن علماءِ ڪرام ۽ محدّثينِ عِظام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي ۽ ان کي بيان ڪندڙ حضرتِ وهب بن منبہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ تابعي بزرگ آهن، جن جي باري ۾ حديثِ پاڪ بيان ڪئي وجي ٿي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”منهنجي امت ۾ هڪ شخص هوندو جنهن جو نالو وهب هوندو. الله پاڪ کيس حڪمت عطا فرمائيندو.“

(دلائل النبوة للبيهقي، 496/6)

## انجيل شريف ۾ مصطفيٰ ڪريم جو نانءُ

مولانا روم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ”مثنوي“ ۾ لکي ٿو تہ انجيل شريف ۾ نامِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هو، جنهن کي ادب ۽ تعظيم ۾ خوش نصيبَ چُمندا هئا. الله پاڪ اُن جي برڪت سان ڪين ڪيترين ئي آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ فرمايو ۽ جن اُن بابرڪت نانءَ جي بي ادبي ڪئي اهي دنيا ۾ ئي ذليل ۽ رُسوا ٿيا. (مثنوي، 102/1 ملخصاً)

محفوظ سدا رکنا شہا! بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

(وسائلِ بخشش،ص 315)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اذان جي وقت آڱوٺا چُمڻ جو ثواب

تقريباً ٻہ سو سال اڳ جو وڏو عالم ۽ مفتي حضرتِ علامہ ابنِ عابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 1252 ھ) پنھنجي مشھور فتاويٰ شامي ۾ لکي ٿو تہ:

جڏھن مؤذن ''اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ'' چئي تہ مستحب آھي تہ ٻڌندڙ چوي: ''صَلَّى اللهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ'' ۽ جڏھن ٻئي دفعي ھي ڪلمات ٻڌي تہ ائين چوي: ''قَرَّتْ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ، اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ'' ۽ آڱوٺا چُمي اکين تي ھٽي. ائين ڪرڻ واري کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندا.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ''ڪتابُ الْفِرْدَوس'' جي حوالي سان فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکن ٿا:

''مَنْ قَبَّلَ ظُفْرَىْ اِبْهَامِهٖ عِنْدَ سَمَاعِ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ فِى الْاَذَانِ اَنَا قَائِدُهٗ وَمُدْخِلُهٗ فِىْ صُفُوْفِ الْجَنَّةِ'' يعني: ''جيڪو شخص اذان ۾ ''اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله'' ٻڌي پنھنجي آڱوٺن جي ننھن کي چُمي وٺندو، آئون اھڙي شخص جي قيادت ڪندس ۽ اُن کي جنّت جي صفن ۾ داخل ڪندس.'' (رد المحتار، 84/2)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# مسلمانن جي پھرين خليفي جو عمل

مسلمانن جي پھرين خليفي حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جڏھن مؤذن کي ''اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله'' چوندي ٻڌو تہ ھي دعا: ''رَضِيْتُ بِاللهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيناً وَّ بِمُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نَبِيًّا'' پڙھي ۽ ٻنھي ڪلمي جي آڱرين

جي پورن جا اندروني حصا چُمي اکين سان لڳايا اُن تي حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”مَنْ فَعَلَ مِثْلَ مَا فَعَلَ خَلِيلِيْ فَقَدْ حَلَّتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِيْ“

ترجمو: ”جيئن منهنجي خليل ڪيو آهي، جيڪو ائين ڪندو، ان لاءِ منهنجي شفاعت آهي .“ (المقاصد الحسنة، ص 390، تحت الحديث: 1021)

اَب آئی شفاعت کی سَاعت اب آئی ذرا چین لے میرے گھبرانے والے

(حدائق بخشش، ص 159)

**الفاظ معنيٰ:** شفاعت: سفارش. ساعت: گھڙي. چين: سڪون.

شرح ڪلامِ رضا: قيامت جي سخت هولناڪ منظرن ۽ مشڪل ترين حالتن ۾ اَللّٰه پاڪ جي رحمت ۽ ان جي فضل و ڪرم سان جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي پنهنجي امتين جي شفاعت جي اجازت جو پروانو عطا ٿيندو، اُن ئي ايمان افروز وقت جي منظر ڪشي ڪندي امامِ اهلِ سنّت اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائي ٿو: ”اي مجرم! اي گنهگار! اي قيامت جي امتحان ڪان ڊڄڻ وارا! همت ڪر، صبر ڪر، شافعِ امت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت جو وقت اچي ويو آهي، تون قيامت جي سختيءَ ڪان نه گهبراءِ، بلڪ پرسڪون ٿي وڃ.“

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## صحابي جو عمل اسان لاءِ ڪافي آهي

تقريباً سوا چار سؤ سال پهريان جو بزرگ، عظيم محدّث حضرتِ علامہ علي قاري حنفي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ (وفات: 1014 ھ) عاشقِ اڪبر مسلمانن جي پهرين خليفي حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ واري روايت لکڻ ڪان پوءِ فرمائن ٿا: حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جو اهو عمل اسان لاءِ (آڱونا چُمڻ ۾) ثبوت لاءِ ڪافي آهي، ڇو ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”آئون توهان تي پنهنجي سنّت ۽ پنهنجي خلفاءِ راشدين جي سنّت (يعني طريقي) کي لازم ڪيان ٿو.“ (الاسرار المرفوعة فی الاخبار الموضوعة، ص 306، تحت الحديث: 435)

خلفاءِ راشدين مان مراد مسلمانن جو پهريون خليفو حضرتِ ابوبڪر صديق، ٻيو خليفو حضرتِ عمر فاروق اعظم، ٽيون خليفو حضرتِ عثمانِ غني ۽ چوٿون خليفو حضرتِ مولا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم آهن. وري ڇهه مهينن لاءِ حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ خليفا ٿيا، سندن خلافت کي خلافتِ راشده چوندا آهن (بهار شريعت، 241/1 حصو: 1 بتغير)

## اللّٰه پاڪ وٽ بہ سٺو

صحابيِ رسول حضرتِ عبد اللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ ارشاد فرمايو:

”فَمَا رَأَى الْمُسْلِمُوْنَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ حَسَنٌ“ يعني: ”جنهن کي مسلمان سٺو سمجهن، اهو اللّٰه پاڪ جي نزديڪ بہ سٺو آهي.“ (مسند امام احمد، 16/2، حديث: 3600)

حضرتِ علّامہ علي قاري حنفي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”هن روايت ۾ جيڪو هي فرمايو ويو آهي تہ: ”جنهن کي مسلمان سٺو سمجهن“ هتي مسلمانن مان مراد ڪتاب ۽ سنّت جو علم رکڻ وارا، حرام ۽ شُبُهن کان پنهنجي پاڻ کي بچائڻ وارا عالمَ سڳورا آهن.“ (مرقاة المفاتيح، 480/3، تحت الحديث: 1385)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عالمَ سڳورن، نيڪ ٻانهن ۽ عام مسلمانن جي نزديڪ ڪنهن شيءِ جو جائز ۽ مستحسن (يعني پسنديده) هجڻ، اللّٰه پاڪ وٽ بہ جائز ۽ مستحسن آهي. ۽ هي چو نہ هجي جو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

”إِنَّ أُمَّتِيْ لَا تَجْتَمِعُ عَلَى ضَلَالَةٍ“ يعني: بيشڪ منهنجي امت گمراهيءَ تي جمع نہ ٿي ٿئي سگهي. (ابن ماجه، 327/4، حديث: 3950)

صدين کان مفتيانِ دين ۽ علماءِ ڪاملين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم شرعي اُصولن سان هن حديث پاڪ ”فَمَا رَأَى الْمُسْلِمُوْنَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ حَسَنٌ“ يعني ”جنهن کي مسلمان سٺو سمجهن، اهو اللّٰه پاڪ جي نزديڪ بہ سٺو آهي“ (مسند امام احمد 16/2، حديث: 3600) مان ڪيترا ئي مسئلا بيان فرمايا آهن، جيڪي فقہ جي وڏن وڏن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. جيئن تہ:

## پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ قبر کوٽائڻ

600 سال پهريان جي مشهور شارحِ بخاري علامہ بدر الدين عيني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ”عُمدة القارِي شرح صحيح البخاري“ ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ قبر تيار ڪرڻ تي هڪ اعتراض جو جواب ڏيندي اهو اصول بيان ڪيو تہ ڪنهن عمل جو صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کان ثابت نہ هجڻ، اُن عمل جي ناجائز هجڻ جي دليل ناهي، ڇو تہ جنهن عمل کي مسلمان سٺو ڄاڻن، اهو اللّٰہ پاڪ جي نزديڪ بہ سٺو آهي، خاص ڪري ان صورت ۾ جو جڏهن اهو عمل نيڪ ماڻهو بہ ڪري رهيا هجن. وڏيڪ پاڻ کان بہ چار سو سال پهريان جي محدّث امام بطال رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي باري ۾ لکن ٿا:

نيڪ ٻانهن جي هڪ جماعت پنهنجي موت کان پهريان پنهنجون قبرون ٺاهيون آهن تہ جيئن هو ان سان موت اچڻ جو تصور قائم رکن. ڪجھ ماڻهن ان تي اعتراض ڪيو تہ ڪنهن هڪ صحابي بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي قبر نہ ٺاهي. جيڪڏهن زندگيءَ ۾ قبر ٺاهڻ مستحب هجي ها تہ صحابہ ڪرام (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُم) ۾ اهو عمل گهڻو هجي ها (حالانڪہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُم کان ائين ڪرڻ ثابت ناهي).

تہ (جواب ۾) آئون هي چوان ٿو تہ اُن عمل جو ڪنهن صحابي کان ثابت نہ هجڻ، اُن عمل جي ناجائز هجڻ کي لازم نٿو ڪري، ڇو تہ جنهن شيءِ کي ايمان وارا سٺو سمجهن تہ اها اللّٰہ پاڪ جي نزديڪ بہ سٺي ٿيندي آهي ۽ خاص ڪري جڏهن اهو ڪم ڪندڙ ماڻهو بهترين نيڪ ٻانهن مان هجن.

(عمدة القاري شرح صحيح البخاري، 84/6. شرح البخاري لابن بطال، 267/3، تحت الحديث: 1277)

## ناجائز چوڻ لاءِ دليل گهرجي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي اصول (Rule) ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ جنهن ڪم کان شريعت ۾ ڪٿي منع ناهي ڪيو ويو تہ ان جو مطلب

اهو آهي تہ اهو جائز آهي. هاڻي ڪنهن جي چوڻ سان اهو ڪم ناجائز نہ ٿيندو، ڇو تہ ناجائز چوڻ لاءِ شريعت جو دليل گهرجي.

بعض نادان سادڙن عاشقانِ رسول کي پريشان ڪرڻ ۽ سڌي رستي تان ڀٽڪائڻ لاءِ آگوُنا چمڻ يا جشنِ ولادتِ مصطفيٰ تي گهر سجائڻ يا جلوسِ ميلاد ۾ وڃڻ جا دليل گهرندا آهن، حالانڪ دليل اُن کي ڏيڻ گهرجي تہ دلين ۾ عشقِ رسول وڌائڻ وارن هنن نيڪ ۽ پاڪيزه ڪمن کان قُرآن ۽ حديث ۾ ڪٿي منع ڪيو ويو آهي؟

جڏهن ڪٿي بہ منع ڪرڻ جو حڪم ناهي تہ وري ڇو غلط فهمي پکيڙي ماڻهن کي پريشان ڪن ٿا ۽ شڪ ۾ مبتلا ڪن ٿا؟ اهڙن کي گهرجي تہ هو ٿورو غور تہ ڪن تہ مسلمانن کي ڪهڙي مُقدس ڪم يعني محمد جي نانءَ سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ کان منع ڪري رهيا آهن. اهڙا ماڻهو قيامت جي ڏينهن بارگاهِ رسالت ۾ ڪهڙي منهن سان حاضر ٿيندا؟ ڪاش! هي فوري توبہ ڪن، نہ تہ مرڻ کانپوءِ سخت پڇتاءُ تي سگهي ٿو.

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم  اگر نبی نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيصلو اوهان جو!

تقريبا سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ پنهنجي وطن جو ترانو پڙهڻ وقت سڄي قوم ادب ۾ اٿي بيهندي آهي ۽ جيڪو ان جي ابتڙ ڪري، اُن کي ڪڏهن ڪڏهن ٿيڏي نظر سان بہ ڏٺو ويندو آهي. ڪپڙي جي نهيل جهنڊي کي عزت ۽ تعظيم جي نشاني طور "سلوٽ" (Salute) ڪيو ويندو آهي. اڄ تائين پوري دنيا ۾ اوهان ڪڏهن نہ ٻڌو هوندو تہ ڪنهن هن عمل جي مخالفت ڪئي هجي يا ان کي گناهہ جو ڪم قرار ڏنو هجي، حالانڪ قُرآن ۽ حديث ۾ ان جو ڪو حڪم ناهي ۽ دورِ صحابہ ۾ بہ هي ڪم پري پري تائين ناهي ٿيو.

بلڪ جيڪو پنهنجي وطنِ عزيز جي تراني تي بيهڻ يا سلوٽ ڪرڻ جي باري ۾ منفي گفتگو ڪندو ته تي سگهي ٿو ته ان کي ”وطن جي غدار“ جو لقب ملي. ته پوءِ جيڪو نامِ مصطفيٰ تي تعظيم ۽ ادب ڪرڻ کان روڪي، اُن کي ڇا لقب ڏيڻ گهرجي؟

## جڏهن به پاڪ نالو اچي

اي عاشقانِ رسول! اذان کان علاوه به محبت ۽ تعظيم جي ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ ٻڌي آگوُنا چُمي اکين سان لڳائڻ جائز ۽ مستحسن (يعني پسنديده ڪم) آهي ۽ صدين کان بزرگانِ دين، عُلماءِ ڪاملين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم ائين ڪندا آيا آهن.

پاڪ نالي تي آگوُنا چُمڻ بابت حديثِ پاڪ، صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جا واقعا ۽ روايتون ڪيترائي سو سال پهريان جي ڪتابن ۾ موجود آهن، جنهن جو مطلب بلڪل واضح آهي ته هي اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو طريقو آهي، اسان کي به ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

اچو! هن نيڪ ڪم جي وڌيڪ ترغيب ۽ شوق وڌائڻ لاءِ هڪ ايمان افروز واقعو پڙهو ۽ نيت ڪريو ته نامِ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ضرور آگوُنا چُمنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰه

## اک مان پتري نڪري وئي (واقعو)

اڄ کان تقريباً ساڍا پنج سو سال پهريان جا بزرگ، عظيم محدّث امام سخاوي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته، هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو:

هڪ دفعي هوا لڳي ۽ هڪ پتري (Grit) منهنجي اک ۾ پئجي وئي، ڪڏهن ڪڏهن ٿڪجي پيس پر نه نڪتي جنهن جي ڪري تمام سخت درد ٿيو. هن مؤذّن کي ”اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰه“ چوندي ٻڌو ته ”مَرْحَبًا

بِحَبِيۡبِیۡ وَقُرَّۃُ عَيۡنِیۡ مُحَمَّدُ بۡنُ عَبۡدِ اللّٰہِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَسَلَّم“ پڙهيو، فورًا پٽري (Grit) نڪري وئي. (المقاصد الحسنة، ص 390، تحت الحديث: 1021)

حضرتِ رَواد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ کي جڏهن هن واقعي جي خبر ملي ته پاڻ فرمايائون: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا فضائل ۽ برڪتون ايتريون وڏيڪ آهن جو ان جي اڳيان ايتري ڳالھ (يعني اک مان پٽري جو نڪري وڃڻ) ڪا حيثيت نٿي رکي. (المقاصد الحسنة، ص 391، تحت الحديث: 1021)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

اِک دل ہمارا کیا ہے آزار اس کا کتنا
تم نے تو چلتے پھرتے مُردے جِلا دیئے ہیں

(حدائقِ بخشش، ص 101)

**الفاظ معنيٰ:** آزار: ڏک، تڪليف. **چلتے پھرتے مُردے**: غير مسلم. **جِلانا**: زنده ڪرڻ.

**شرحِ ڪلامِ رضا:** يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! الله پاڪ اوهان کي هي معجزو عطا فرمايو آهي ته اوهان مُردن کي زنده ڪري ڇڏيندا آهيو. ڪيترين ئي حديثن ۾ اوهان جي هن معجزي جا واقعا موجود آهن، بلڪ اوهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اسلام جي دعوت جي برڪت سان اهڙا وڏا وڏا غير مسلم (جيڪي درحقيقت مُردن کان به وڏيڪ هئا جو ته سندن دليون زنده نه هيون، سي) ڪلمون پڙهي اسلام ۾ داخل ٿي ويا جو هاڻ سندن ذڪرِ خير اسان لاءِ عبادت آهي. جڏهن اوهان ايترا فضائل ۽ ڪمالات وارا آهيو ته اسان جي دل جيڪا گناهن جي ڪارڻ سبب مُرده ٿي وئي آهي، ان کي زنده (يعني پاڪ ۽ صاف) ڪرڻ اوهان لاءِ ڪو مشڪل ڪم ناهي، بس هڪ نظرِ رحمت اسان جي گندي دل تي به وجهي ڇڏيو.

هڪ ٻئي هنڌ لکن ٿا:

ان کے نام کے صدقے جس سے
جیتے ہم ہیں جِلاتے یہ ہیں

(حدائقِ بخشش، ص 483)

## ڪڏهن به اکين ڪي تڪليف نہ ٿئي

عظيم محدّث امام سخاوي شافعي رَحمَۃُاللهِ عَلَيه لکن ٿا: حضرتِ خضر عَلَيهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: جيڪو شخص مؤذن کان ”اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ الله“ ٻڌي چوي: ”مَرۡحَبًا بِحَبِيۡبِيۡ وَقُرَّةُ عَيۡنِيۡ مُحَمَّدُ بۡنُ عَبۡدِ الله“ پوءِ ٻئي آڱوٺا چُمي اکين تي رکي، تہ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون.

(المقاصد الحسنۃ، ص 390، تحت الحديث: 1021)

## منهنجي اکين جي ٺڏاڻ

حضرتِ امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي: جيڪو شخص مؤذن کي ”اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللهِ“ چوندي ٻڌي هي چوي: ”مَرۡحَبًا بِحَبِيۡبِيۡ وَقُرَّةُ عَيۡنِيۡ مُحَمَّدُ بۡنُ عَبۡدِ اللهِ “ ۽ پنهنجا آڱوٺا چُمي اکين سان لڳائي تہ نہ ڪڏهن هو انڌو ٿيندو ۽ نہ ئي ڪڏهن ان جون اکيون خراب ٿينديون.

(المقاصد الحسنۃ، ص 391، تحت الحديث: 1021)

## انڌو نہ ٿيڻ جي دعا

حضرتِ طاؤسي رَحمَۃُاللهِ عَلَيه فرمائي ٿو: اُن خواجہ شمس الدّين محمد بن ابي نصر بخاري رَحمَۃُاللهِ عَلَيه کان هي حديث ٻڌي تہ جيڪو شخص مؤذن کان ڪلماتِ شهادت ٻڌي آڱوٺن جا ننهن چُمي، اکين سان لڳائي ۽ هي دعا پڙهي: ”اَللّٰهُمَّ احۡفَظۡ حَدَقَتَيَّ وَنُوۡرَهُمَا بِبَرَكَةِ حَدَقَتَيۡ مُحَمَّدٍ رَّسُوۡلِ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ وَنُوۡرِهِمَا،“[1] تہ انڌو نہ ٿيندو. (المقاصد الحسنۃ، ص 391، تحت الحديث: 1021)

## حضرتِ خضر عَلَيهِ السَّلَام جو فرمان

حضرتِ محمد بن صالح مدني رَحمَۃُاللهِ عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ مون حضرتِ مجد مصري رَحمَۃُاللهِ عَلَيه کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو شخص اَذان دوران

---

[1]--- ترجمو: اي پاڪ الله! حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ٻنهي اکين ۽ سندن نور جي برڪت سان منهنجي ٻنهي اکين ۽ سندن نور جي حفاظت فرماءِ.

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٻڌي ۽ پاڻ تي درودِ پاڪ پڙهي پنهنجي شهادت واري آڱر ۽ آڱوٺي کي ملائي چُمي ۽ پنهنجي اکين سان لڳائي تہ اُن جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون.
(المقاصد الحسنة، ص 391، تحت الحديث: 1021)

حضرتِ محمد بن صالح مدني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو: مون عراق يا عجم جي ڪجهہ مشائخن جي حوالي سان ٻڌو آهي تہ هنن فرمايو تہ پنهنجي اکين سان (آڱوٺو) لڳائڻ وقت هي پڙهي: "صَلَّى اللهُ عَلَيۡكَ يَا سَيِّدِيۡ يَا رَسُوۡلَ اللهِ يَا حَبِيۡبَ قَلۡبِيۡ وَيَا نُوۡرَ بَصَرِيۡ وَيَا قُرَّةَ عَيۡنِيۡ" ترجمو: اي منهنجي اکين جا ٺار، اي منهنجي اکين جا نور ۽ دل جا سُرور، اي منهنجا سردار يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي درود هجي.

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهن مان هر شيخ فرمايو: جڏهن کان آئون هي عمل ڪري رهيو آهيان منهنجون اکيون خراب ناهن ٿيون. وڌيڪ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ! جڏهن کان مون هنن بزرگن کان ٻڌو آهي، منهنجي اکين ۾ بہ ڪڏهن تڪليف ناهي ٿي ۽ مون کي اميد آهي تہ منهنجون اکيون هميشہ عافيت ۾ رهنديون ۽ اِنۡ شَآءَ الله آئون انڌي ٿيڻ کان بہ محفوظ رهندس. (المقاصد الحسنة، ص 391، تحت الحديث: 1021)

آنکھوں کا تارا نامِ محمد — دل کا اُجالا نامِ محمد
شیدا نہ کیوں ہوں اس پر مسلماں — رب کو ہے پیارا نامِ محمد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا — میں یہ کہوں گا نامِ محمد
آنکھوں میں آکر دِل میں سما کر — رنگت رَچا جا نامِ محمد
اپنے جمیلؔ رضوی کے دل میں — آجا سما جا نامِ محمد

(قباله بخشش، ص 133-135)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علامہ طحطاوي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ جو بيان

اج کان تقريباً ٻہ سو سال پهريان فقہ حنفي جا تمام وڏا امام ۽ زبردست عالِم حضرتِ علّامہ طحطاوي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ لکن ٿا: (اَذان ۾) نبي صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهادتن مان پهرينءَ کي ٻڌڻ جي وقت هي چوڻ "صَلَّی اللہُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہِ" يعني يا رسول الله! الله پاڪ اوهان تي درود (يعني رحمت) موڪلي مستحب آهي ۽ ٻيءَ (شهادت يعني اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللہِ) کي ٻڌڻ وقت اکين تي آڱوٺا رکڻ کانپوءِ هي پڙهي: قُرَّتُ عَیْنِیْ بِكَ یَا رَسُوْلَ اللہِ اَللّٰھُمَّ مَتِّعْنِیْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ يعني "يارسولَ الله! اوهان سان منهنجون اکيون ٺڏيون ٿي ويون، اي الله تون مون کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان نفعو عطا فرماءِ" تہ نبيِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُن شخص لاءِ جنّت جي طرف قائد (يعني رهنمائي ڪرڻ وارا) ٿيندا.

(حاشية الطحطاوي علي مراقي الفلاح، ص 205)

## شجرهٔ قادريہ جي بارگاهِ رسالت ۾ مقبوليت

29 رمضان المبارڪ 1428 هجري جي ڳالهہ آهي، ڪراچي جي علائقي ملير هالٽ جو هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي عالمي مَدَني مرڪز فَيضان مدينہ ڪراچي ۾ اجتماعي اعتڪاف ۾ وينو. هتي پُرڪيف منظر هئا. نمازِ فجر کانپوءِ معتڪفين، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي زيارت ڪري رهيا هئا.

جڏهن شجره عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ پڙهيو ويو تہ اهو اسلامي ڀاءُ پهرين صف ۾ اڳي وينو. سڀ عاشقانِ رسول ملي ڪري بلند آواز سان شجري شريف جا منظوم دعائيہ شعر پڙهي رهيا هئا. جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪر مبارڪ آيو تہ هن پنهنجا آڱوٺا چُمي اکين سان لڳايا.

اوچتو ئي اوچتو اُن تي غنودگي طاري ٿي، مٿي جون اکيون ڇا بند ٿيون، سندس دل جون اکيون کُلي ويون. هن ڏٺو ته اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان گڏ شجره شريف پڙهڻ وارا سيئي اسلامي ڀائر سنهري جارين جي سامهون حاضر آهن ۽ الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي مکي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي عاشقن کي شربتِ ديدار پياري رهيا آهن. حاضرين شجره عاليه جا دعائيه شعر پڙهي رهيا آهن ۽ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا مبارڪ هٿ بلند ڪري انهن دعائيه شعرن تي آمين فرمائي رهيا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 4 موقعن تي آڱوٺا نه چُمجن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن جڏهن ماڪيءَ کان مٺو، پيارو پيارو نامِ "محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم" ٻڌڻ يا ٻڌڻ جي سعادت ملي ته تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيت سان نهايت اَدب ۽ تعظيم سان ٻنهي هٿن جا آڱوٺا چُمي (چُمڻ جو آواز پيدا ڪرڻ کانسواءِ) اکين سان لڳايو (ڪجهه روايتن موجب شهادت جي آڱر چُمي ان جا اندروني حصا يعني پورا به چُمي لڳائي سگهجن ٿا). اِنْ شَآءَ الله خوب ثواب سان گڏوگڏ اکين جي بينائي جي حفاظت ٿيندي.

البته چار اهڙا موقعا آهن جن تي منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته انهن موقعن تي نامِ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌڻ يا ٻڌڻ تي آڱوٺا نه چُمبا.

(1) نماز ۾ (2) خطبي ۾ (3) خطبي جي اذان ۾ (4) تلاوت ٻڌندي (ڇو ته شرعي حڪم آهي ته جڏهن خطبو يا تلاوت ٻڌو ته پوري توجهه ۽ خاموشي سان ٻڌو). (فتاويٰ رضويه، 415/5، 468/8 ملخصاً)

## آڱوٺا چُمڻ کان منع ڪنهن ڪيو آهي؟

امامِ اهلِ سنّت اعليٰ حضرت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي رسالي ”مُنِيۡرُ الۡعَيۡنِ فِيۡ حُكۡمِ تَقۡبِيۡلِ الۡاِبۡهَامَيۡنِ“ ۾ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نانءَ تي آڱوٺا چُمڻ بابت وڏي پياري ڳالهه ارشاد فرمائي آهي جنهن کي آسان ڪري پيش ڪجي ٿو:

حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نالو اَذان ۾ ٻڌڻ وقت آڱوٺا يا ٻئي شهادت جون آڱريون چُمي اکين سان لڳائڻ بلڪل جائز آهي، ان جي جائز هجڻ تي ڪيترا ئي دليل موجود آهن ۽ بالفرض جائز هجڻ تي ڪو دليل نه به هجي ها ته به ناجائز چوڻ جو ڪو دليل ناهي، چو ته شريعت ۾ ان کان ڪٿي به منع ناهي ڪيو ويو. مَعَاذَ الله! جيڪو هن عمل کي ناجائز چوندو آهي، ان تي ثبوت ڏيڻ لازم آهي ته هو ٻڌائي ته قُرآن و حديث يا اقوالِ بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم ۾ ڪٿي نامِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌي تعظيم ۾ آڱوٺا چُمڻ کان منع ڪيو ويو آهي.

پر هتي ته حديثن، فقه ۽ علماءِ ڪرام جي اقوال ۽ بزرگانِ دين جي هن عمل جي جائز هجڻ تي ڪيترائي دليل آهن. (فتاويٰ رضويه، 5/430 تسهيلاً)

**مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نانءَ مان لطف وٺندڙ ملائڪ**

الله پاڪ جا پيارا نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

مان قيامت جي ڏينهن جنّت جي دروازي تي ايندس ۽ ان کي کولڻ جو حڪم فرمائيندس ته جنّت جي دروازي تي مقرر ملائڪ حضرتِ رضوان عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندو: اوهان ڪير؟ ته آئون چوندس: ”محمد“ ته هو عرض ڪندو: ”لَبَّيۡك“ چو نه، مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته آئون اوهان کان پهرين ڪنهن لاءِ به جنّت جو دروازو نه کوليان. (مسلم، ص 107، حديث: 486)

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ اڄ کان تقريباً 500 سال پهريان جا بزرگ حضرتِ علامہ عبدالرؤف مُناوي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه لکن ٿا:

حضرتِ رضوان عَلَيۡهِ السَّلَام مالڪِ جنّت قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان "اوهان ڪير" ان ڪري عرض ڪندو تہ جيئن هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سندن نالو مبارڪ "محمد" (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ) ٻڌي ان مان لذّت حاصل ڪري، نہ تہ جنّت جي دروازن مان آرپار نظر ايندو آهي ، هو صرف پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ هي پڇندو. (فيض القدير، 50/1، تحت الحديث: 2)

سُبۡحٰنَ الله! جنّت جي دروازي تي مقرر ملائڪ، خازنِ جنّت، حضرتِ رضوان عَلَيۡهِ السَّلَام تہ نامِ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان لطف ماڻي ۽ هڪ طرف اهي نادان جيڪي پاڻ ڪي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اُمتي بہ چون پر ڪين نامِ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آگوُنا چُمڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي، هي ڪهڙي بي وفائي ۽ بد نصيبي آهي! نامِ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جڏهن بي ساختہ لب هڪ ٻئي ڪي چُمي وٺندا آهن تہ اسان چو نہ پنهنجي والدِ محترم حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ اسلام جي پهرئين خليفي حضرتِ ابوبڪر صدّيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه جي مبارڪ عمل جي اتباع ڪندي پنهنجي آگوُنن يا شهادت جي آڱرين ڪي چُمون.

امامِ عشق و محبّت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه لکي ٿو:

لب پہ آجاتا ہے جب نامِ جناب — منہ میں گُھل جاتا ہے شہدِ نایاب
وجد میں ہو کے ہم اے جاں بیتاب — اپنے لب چُوم لیا کرتے ہیں

(حدائقِ بخشش، ص 114)

**الفاظ معنيٰ:** لب: چپ. نامِ جناب: نامِ محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). شهدِ ناياب: قيمتي ماکي (جيڪا وڏي مشڪل سان هٿ اچي). وجد ميں : جهومي ڪري. بيتاب: بي اختيار.

شرحِ ڪلامِ رضا: الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو سهڻو سهڻو منو منو نالو مبارڪ ”محمد“ (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جڏهن اسان پنهنجي زبان سان ادا ڪندا آهيون تہ ان جي مناڻ سان اسان جو وات ايترو منو ٿي ويندو آهي جيئن ڪا نهايت لذيذ ماڪي وات ۾ وجهڻ سان منهن منو ٿي ويندو آهي. اهو ئي نہ بلڪ نامِ محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ونڻ سان اسان جا چپ بہ جهومي جهومي ڪري بي اختيار هڪ ٻئي کي چُمندا آهن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عقل وارن لاءِ عقلي دليل

اي عاشقانِ رسول! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جو عشقِ رسول، حديثن ۽ سيرت جا ڪَتابَ پڙهڻ وارا چڱي طرح ڄاڻن ٿا تہ اهي سڳورا نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا تبرڪات سنڀاليندا هئا. ٻارن جي پيدائش تي سڀ کان پهريان کين بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪندا هئا تہ جيئن برڪتِ مصطفيٰ حاصل ٿئي. ٻارن کي نظر يا بيماري ٿي ويندي هئي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان دم ڪرائيندا هئا.

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جا هي عمل اسان لاءِ مشعلِ راهہ (رهنمائي جو ذريعو) آهن. حالانڪ شرعاً هي ڪو واجب ڪم ناهن پر شريعت ۾ منع بہ ناهي ڪيل. اڄ بہ عاشقانِ اولياءَ، بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم کان برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻارَن کي سندن بارگاهہ ۾ وٺي ويندا آهن ۽ برڪتون ماڳيندا آهن.

تابعين، تبع تابعين ۽ صدين کان ڪيترا ئي بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم جا ادب ۽ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اهڙا اهڙا انداز آهن جن تي شرعاً ڪا پڪڙ ناهي. عاشقانِ رسول، محبتِ رسول ۾ بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم جي پيروي ڪندي ان کي اپنائيندا ۽ برڪتون حاصل ڪندا آهن.

ڪروڙين مالڪين جي پيشوا، امام مالڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وٽ ڪهڙو شرعي دليل هو جنهن جي ڪري پاڻ حديثِ پاڪ نهايت اهتمام سان

يعني غسل ڪري، سنو لباس پهري ۽ خوشبو لڳائي پڙهائيندا هئا؟ (الشفا، 45/2) يقينًا سندن مبارڪ دل ۾ تعظيمِ مصطفيٰ هئي جنهن سبب پاڻ حديثِ مبارڪ جو ايترو ادب ۽ احترام ڪندا هئا. اهو ئي نه بلڪ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه ته مديني پاڪ کان ٻاهر نه ويندا هئا ته متان مديني پاڪ کان ٻاهر موت اچي وڃي. پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه مديني پاڪ ۾ سواريءَ تي سوار نه ٿيندا هئا. پاڻ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏوگڏ ديارِ محبوب مدينةُ الرّسول جو ايترو ادب ۽ احترام ڪندا هئا جيڪو بظاهر ڪنهن صحابي کان ثابت ناهي، پر هي سندن عشقِ رسول هو ۽ صدين کان اڄ تائين ڪنهن عالمِ دين به هن تعظيم کان منع ناهي ڪيو، ڇو ته شريعت ۾ ان کان ڪٿي به منع ئي ناهي ڪيو ويو.

وڏيڪ ڪجهه بزرگن جا اعمال پڙهو ۽ پنهنجن دلين ۾ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌايو:

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ ابو ايوب سختياني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه وڏو عاشقِ رسول بزرگ هو. پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه جي سامهون جڏهن به نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ڪيو ويندو هو ته پاڻ ايترو روئندا هئا جو ڏسڻ وارن کي رحم ايندو هو. (حلية الاولياء، 4/3، حديث: 2916، الشفا، 42/2)

خاندانِ اهلِ بيت جو چشم و چراغ ۽ عظيم تابعي بزرگ حضرتِ سيدنا امام جعفر صادق بن محمد رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه وڏو خوش مزاج ۽ مرڪڻ وارو بزرگ هو، جڏهن سندن محفل ۾ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٿيندو هو ته سندن مبارڪ رنگ (هيبت ۽ تعظيمِ مصطفيٰ ۾) ڦَڪو ٿي ويندو هو. (الشفا، 42/2)

عظيم تبع تابعي بزرگ حضرتِ ضِرار بن مُرَّه رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه فرمائي ٿو ته سلف صالحين بغير وضو حديثِ پاڪ بيان ڪرڻ کي مڪروه (يعني ناپسند) سمجهندا هئا. (الشفا، 45/2)

يقينًا انهن بزرگانِ دين رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡهِم جا هي پاڪيزه اعمال محبت ۽ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪري هئا، جن کي بعد ۾ ايندڙ

عالمن سڳورن پنهنجن ڪتابن ۾، اسان جي دلين ۾ عظمت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌائڻ لاءِ لکيو. هي عمل شرعاً نه فرض آهن نه واجب پر دل ۾ عشقِ رسول رکڻ وارن لاءِ وڏا ايمان افروز آهن ۽ قُرآن ۽ حديث ۾ انهن کان منع ڪرڻ جو حڪم به ناهي.

الله پاڪ اسان کي به توفيق ڏئي ته اسان به عشقِ رسول ۾ باوضو تي تعظيمِ مصطفيٰ ۾ احاديث پڙهون، ٻڌون ته ڪيڏي سُني ڳالهه آهي نامِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺن کي چُمون ته چا بعيد آهي ته:

آنکھیں جو بند ہو تو مقدر کھلیں حسن　　　جلوے خود آئیں طالبِ دیدار کی طرف

(ذوقِ نعت، ص 157)

## تُرڪ عاشقانِ رسول جو محبت ڀريو انداز

ترڪ عاشقانِ رسول جي عشقِ رسول جي به ڇا ڳالهه ڪجي، جنهن عقيدت ۽ احترام سان سلطنتِ عثمانيه مسجدِ نبوي شريف جي تعمير ۽ توسيع جو ڪم ڪيو، تاريخ ان جو مثال پيش نٿي ڪري سگهي.

سلطنتِ عثمانيه جي وقت کان يا ان کان به پهريان ترڪيه جي عاشقانِ رسول ۾ هڪ عشقِ رسول ڀريو خوبصورت انداز هي به ڏٺو ويو آهي ته گفتگو دوران جڏهن ڪو نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ونندو آهي ته هي عاشقِ رسول پنهنجي سيني تي محبت سان دل جي پاسي هٿ رکي نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان دلي محبت جو اظهار ڪندا آهن. يقيناً سندن هي انداز عاشقانِ رسول جي دلين ۾ عشقِ رسول وڌائڻ ۽ ايمان تازو ڪرڻ وارو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ! بانيِ دعوتِ اسلامي اميرِ اهلِ سنّت حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سچا عاشقِ رسول آهن، سندن جڏهن ترڪي جي عاشقانِ رسول جي هن انداز جو علم ٿيو ته پاڻ به هن انداز کي اپنايو ۽ ڪيس ڏسي ڪيترائي اسلامي ڀائر هن انداز کي اپنائيندا آهن.

هونئن به اسان وٽ ڪجهه ماڻهو جڏهن سلام ڪندا آهن ته هٿ ملائڻ ڪانپوءِ پنهنجو ساڄو هٿ سيني تي لڳائيندا آهن جنهن ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي. جڏهن ڪنهن عام فرد سان سلام ڪري هٿ سيني سان لڳائڻ ۾ حرج ناهي ته تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر پاڪ نالو وٺڻ يا ٻڌي هٿ سيني تي لڳائڻ، ادب ۾ سر جهڪائڻ وڏي سعادت منديءَ جي ڳالهه آهي.

## اعليٰ حضرت جو نالو مبارڪ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

امامِ اهلِ سنّت، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ تي ڪيترو ادب ۽ احترام جو اظهار فرمائن ٿا. پنهنجي نعتيه ڪلام ”حدائقِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

به ادب جهکالو سرِ ولا که میں نام لوں گل و باغ کا
گلِ تر محمدِ مصطفےٰ چمن اُن کا پاک دِیار ہے

(حدائقِ بخشش، ص 353)

الفاظ معنيٰ: به: سان. سرِ ولا: محبت. گُلِ تر: تازو گل. چمن: باغ. ديار: شهر.

شرح ڪلامِ رضا: اي عاشقانِ رسول! مان هڪ اهڙي عظيم ترين هستيءَ جو نالو مبارڪ وٺڻ وارو آهيان جيڪو اصل مقصودِ ڪائنات آهي ۽ جنهن شهر ۾ هو تشريف فرما آهي اهو شهر ڪائنات جو نگينو آهي پر مان ان هستيءَ جو پاڪ نالو جڏهن وٺندس جڏهن اوهان سڀ سندن تعظيم ۽ توقير ۽ محبت ۾ پنهنجي سِرن کي ادب ۽ احترام سان جهڪائيندا. ته هي وٺو! اها عزت ۽ شان واري هستي، هن ڪائنات جي حسين ترين باغ ”مديني پاڪ“ ۾ رهي ٿي ۽ ان باغ ۾ مهڪڻ ۽ پنهنجي خوشبو پکيڙڻ وارو تازو گل منهنجو آقا ۽ مولا محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي.

میں عشقِ نبی میں رہوں گُم ہمیشہ
تُو دیوانہ ایسا بنا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص 100)

## آڱوٺا چُمڻ بابت ڪجھ وسوسن جا جوابَ

نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي محبت ۽ تعظيم ۾ آڱوٺا چُمڻ تي ڪجھ ماڻھن کي شيطان طرح طرح جا وسوسا ڏياري گمراھ ڪندو آھي. پوءِ شيطاني وسوسن ۾ آيل اھي ماڻھو سادن عاشقانِ رسول کي ھن پاڪيزه ڪم بابت وسوسن ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪوششَ ڪندا آھن. ھتي ڪجھ وسوسا ۽ ان جو علاج پيش ڪجي ٿو. ان جو پڙھڻ معلومات ۾ اضافي جو سبب بڻجندو. اِنْ شَآءَ الله.

پر ياد رکو! نامِ پاڪ تي آڱوٺا چُمڻ، درود و سلام ۾ بيھڻ ھي عشق وارن جا سوداَ آھن. جيڪو سعادت مند محبتِ رسول سان رَچيل بَسيل ھوندو ان کي انھن بابرڪت عملن جو قدر معلوم ھوندو، البتہ جنھن جي قسمت ۾ ئي ان کان دوري ھجي ان بابت ھدايت جي دعا ئي ڪري سگھجي ٿي.

اوھان ڪيترن ئي ماڻھن کي ڏٺو ھوندو جيڪي سلام ڪرڻ کانپوءِ پنھنجي ھٿ کي سيني سان لڳائيندا آھن. ڪڏھن ان بابت ڪنھن شرعي حڪم پڇيو؟ تہ ائين ڪرڻ جائز آھي يا ناجائز؟ پنھنجي ٻار کي محبت ۽ شفقت ۾ ھٿ، پير ۽ منھن وغيره نہ ڄاڻ ڪٿي ڪٿي چُمندا آھيون، ان تي ڪڏھن ڪنھن ڪجھ چيو تہ ھي چُمڻ ڪٿي لکيل آھي؟ بس محبت ۽ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ئي خيال ايندو آھي تہ ھي ڪٿي لکيل آھي؟ ھي تہ عاشقِ رسول جي قسمت ۾ لکيل آھي.

یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے　　یہ بڑے نصیب کی بات ہے

## ڇا اوھان کي بہ نور نظر ايندو آھي؟

**وسوسو:** حضرتِ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام پنھنجي آڱوٺن ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور کي ڏسي چُميو، ڇا اوھان کي بہ نور نظر ايندو آھي؟ جيڪڏھن نہ ٿو اچي تہ پوءِ ڇو چُمندا آھيو؟

**جواب:** مَاشَآءَالله! اوهان جي هن سوال مان ڳهڻ ۾ گهڻ هڪ ڳالهه تہ واضح ٿي وئي تہ اوهان اسان جي پياري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ”نور“ مڃيندا آهيو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! هي قُرآن ۽ حديث کان ثابت آهي.

هاڻي رهيو اوهان جو اهو سوال تہ حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي نورِ مصطفيٰ نظر آيو تہ ڇا اسان کي نور نظر ايندو آهي ؟ ان حوالي سان عرض هي آهي تہ:

اوهان حج جي مناسڪ (يعني رڪنن) ۾ طواف ڪندي حجرِ اَسْوَد جو اِسْتِلام پري کان ڇو ڪندا آهيو؟ مِنيٰ ۾ جمرات کي ڪنڪريون ڇو هڻندا آهيو؟ ڇا اوهان کي مِنيٰ ۾ شيطان (ابليس) نظر ايندو آهي ؟

۽ ها! اوهان مسعيٰ ۾ سعي ڇو ڪندا آهيو؟ ڇا اوهان کي بہ اڄ جي شدت ڊوڙائيندي آهي؟

جيڪڏهن ايمانداريءَ سان جواب ڏنو وڃي تہ اوهان جو جواب هي هوندو تہ ڇو تہ طواف ۾ رش تمام گهڻي هوندي آهي ۽ هر ڪنهن جو هر دفعي حجرِ اسود کي چُمڻ آسان ناهي، ان ڪري پري کان بيهي روايتن تي عمل ڪري پنهنجي هٿن جي ذريعي استلام ڪندا (يعني چُمندا) آهيون. اهڙيءَ طرح سعي جي سنّت حضرتِ بي بي هاجره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي ياد ۾ ادا ڪندا آهيون تہ جڏهن هوءَ پنهنجي ننڍڙي شهزادي حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اُڃَ کان بيتاب ٿي بار بار ٻن جبلن صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙيون هيون ۽ حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام مِنيٰ جي مقام تي شيطان کي ڏسي ٽي دفعا پٿريون هنيون هيون.

هاڻي حاجين کي قيامت تائين انهن سڳورن جي انهن ادائن کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، تہ جڏهن ايترا سارا ڪم اوهان ايترن عظيم بزرگن جي تصورن ۽ انهن جي ياد ۾ ڪندا آهيو تہ حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ياد ۾ اوهان پنهنجي آڱوٺن کي بہ چُمي وٺو.

کهڙي خبر تہ اوهان سچي دل سان عقيدت ۽ تعظيم سان آڱوٺا چُمو تہ اوهان تي بہ ڪرم ٿي وڃي.

## آڱوٺا چُمڻ ڪنهن ڪتاب مان ثابت ناهي

**وسوسو:** آڱوٺا چُمڻ ڪنهن ڪتاب مان ثابت ناهي.

**جواب:** چا اوهان چوڏهن سو سالن کان اڄ تائين لکين بلڪ ڪروڙين سيئي ديني ڪتاب پڙهي ڇڏيا آهن؟ جو اوهان چئي رهيا آهيو تہ ڪنهن ڪتاب ۾ ناهي لکيل. يقينًا اوهان جو جواب هوندو نہ، توهان سڀ ديني ڪتاب تہ ناهن پڙهيا.

عرض هي آهي تہ جيڪي ڪتاب اوهان اڃا تائين ناهن پڙهيا، نامِ پاڪِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ جو بيان انهن ڪتابن ۾ موجود آهي ۽ ان بابت احاديث ۽ روايتون گذريل صفحن ۾ حوالن سان پيش ڪيون ويون آهن. انهن کي پڙهو ۽ پاڻ بہ نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمو ۽ ٻين کي بہ هن نيڪ ڪم جي ترغيب ڏياري ثواب جا حقدار بڻجو.

## صحيح حديث نہ هجڻ جو چا مطلب آهي؟

**وسوسو:** نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ بابت ڪا صحيح حديث ناهي، هي بدعت (يعني نئون ڪم) آهي.

**جواب:** سڀ کان پهرين هي ٻڌايو تہ محدّثَ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم حديثِ پاڪ جون جيڪي مختلف قسمون بيان ڪندا آهن، چا انهن جو ذڪر قُرآن ۽ حديث ۾ ڪليل لفظن سان بيان ٿيو آهي؟ تہ اوهان جو جواب يقينًا "نہ" هوندو. پلا ! هي ٻڌايو تہ چا ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪنهن حديث کي "صحيح" يا "حسن" يا "ضعيف" چيو آهي؟ يقينًا ان ۾ بہ اوهان چوندؤ تہ "نہ". تہ جيڪو ڪم قُرآن و حديث ۾ نہ هجي ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم بہ نہ ڪيو هجي اهو اوهان وٽ چا آهي؟ پوءِ اوهان چو حديثِ صحيح جي رَٽ لڳايو ٿا؟

بيشڪ! محدثن سڳورن رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم حديث جا جيڪي قسم بيان ڪيا آهن ۽ ان جا قاعدا ۽ قانون بہ بيان ڪيا آهن، اهي نوان ڪم آهن پر هي ڪم شرعي ضرورت جي ڪري آهن تہ هي بدعتِ حسنہ (يعني سنو نئون ڪم) آهي جنهن تي انهن سڳورن کي قيامت تائين ثواب ملندو رهندو ۽ ان تي اڄ تائين ڪنهن بہ اعتراض ناهي ڪيو ڇو تہ سڀ انهن قاعدن ۽ اصطلاحن کي مڃيندا آهن.

جڏهن اوهان صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهُم کان بہ پوءِ اچڻ وارن محدّثن سڳورن کان علمِ حديث جون اصطلاحون وٺندا آهيو ۽ ان کي درست سمجهندا آهيو تہ پوءِ نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ واريون روايتون صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهُم سميت ڪيترن ئي بزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم کان مروي آهن(جيڪي پوئتي گذري چڪيون) انهن تي ڇو عمل ناهيو ڪندا؟

## نالي مبارڪ تي آڱوٺا چُمڻ واري روايت جو حڪم ۽ حديثِ صحيح جو مطلب

**اهم ڳالھ :** صحيح حديث جو مطلب هي ناهي تہ صحيح ۽ غلط. بلڪ محدّثنِ سڳورن رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم حديثِ پاڪ جا ڪيترائي قسمَ بيان ڪيا آهن، جن ۾ سڀ کان اعليٰ قسم ”صحيح“ آهي.

اذان ۾ نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا يا شهادت جي آڱريون چُمڻ تي صحيح حديث نہ هجڻ جو هرگز هي مطلب ناهي تہ مَعَاذَ الله هي حديثِ پاڪ موضوع (يعني من گهڙت) آهي، بلڪ اهلِ علم ڄاڻن ٿا تہ جيڪڏهن ڪا حديث صحيح نہ هجي تہ اها ٻئي قسم جي حديثِ پاڪ مان هوندي. صحاح ستّہ (حديثِ پاڪ جي سڀ کان وڌيڪ قابلِ اعتماد 6 ڪتابن: بخاري، مسلم، ابوداؤد، نَسائي، ترمِذي ۽ ابنِ ماجہ) ۾ سيئي حديثون صحيح ناهن، بلڪ اڪثر صحيح هجڻ جي ڪري انهن ڪتابن کي ”صحاح“ (يعني صحيح) چيو ويندو آهي.

”آڱوٺا چُمڻ بابت ڪا صحيح حديث ناهي“ هن وسوسي ڪي آسان لفظن ۾ ائين سمجهو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڪان پڇي اوهان جهاز اُڏائي سگهو ٿا؟ ۽ هو جواب ڏئي ”نہ“. تہ ڇا ان جو مطلب هي هوندو تہ ان انسان ڪي ڪجهہ بہ هلائڻ نٿو اچي؟ ٿي سگهي ٿو تہ اهو شخص بحري جهاز يا ٽرين يا ٽرڪ يا ڪار يا بائيڪ هلائي سگهندو هجي. هڪ ڳالهہ جي نفي سان هر شيءِ جي نفي ناهي ٿيندي.

وڌيڪ تفصيل لاءِ منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب ”مُنِيْرُالْعَيْنِ فِيْ حُكْمِ تَقْبِيْلِ الْاِبْهَامَيْن“ پڙهو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن ڪتاب ۾ علمِ حديث جا درياهہ وهائي ڇڏيا آهن. نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ جي موضوع تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 200 صفحن جو هي عاليشان ڪتاب 29 سالن جي عمر ۾ لکيو. جيڪڏهن ڪو ايمانداريءَ سان ۽ تنقيد جي عينڪ لاهي، عقيدت ۽ محبت جي عينڪ لڳائي ان ڪي پڙهندو تہ هو پاڻ بہ نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمندو بلڪ ٻين ڪي بہ چُمڻ جي ترغيب ڏياريندو، پر تجربو شرط آهي...

## نالي پاڪ تي آڱوٺا چمڻ ٽوٽڪو آهي؟

**وسوسو:** آڱوٺا چُمڻ ڪو فضيلت جو ڪم ناهي بلڪ هي تہ هڪ قسم جو ٽوٽڪو آهي.

**جواب:** نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ نہ صرف سنّتِ صديقي بلڪ حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت بہ آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”اَلْبَرَكَةُ مَعَ اَكَابِرِكُمْ“ يعني برڪت اوهان جي وڏن سان آهي.

(معجم اوسط، 342/6، حديث: 8991)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن رسالي ۾ بيان ڪيل حديثن ۾ حضرتِ خضر عَلَيْهِ السَّلَام، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم کان هن مبارڪ عمل

جي فضيلتن جا قول ۽ واقعا بيان ٿيا آهن ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! صدين کان بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو هي عمل رهيو آهي. تنهنڪري هن عمل کي ضرور ثواب جي نيت سان ڪريو، ثواب بہ ملندو ۽ فضيلتن سان گڏوگڏ ان جا دنياوي فائدا يعني نابينائي وغيره کان حفاظت بہ ٿيندي.

## آڱوٺا چُمڻ جي باوجود چشمو لڳل هجي تہ؟

**وسوسو:** ڪجھ ماڻهو هن طرح وسوسو وجهندا آهن تہ ڏسو فلاڻو ڪيتري عرصي کان آڱوٺا چُمي رهيو آهي پر ان جي بينائي ڪمزور آهي ۽ هو چشمو لڳائيندو آهي.

**وسوسي جو علاج:** هن وسوسي جا ڪيترائي جواب ٿي سگهن ٿا. مثال طور احاديثِ مبارڪ ۾ مختلف مرضن يا مسئلن ۾ ڪيتريون ئي مخصوص دعائون پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي پڙهڻ جي باوجود اهو مرض يا مسئلو حل نہ ٿئي تہ ان سان اُن حديثِ پاڪ تي ڪو اثر نہ پوندو، بلڪ الله پاڪ ڪڏهن پنهنجي ٻانهي جو امتحان بہ وٺندو آهي تہ منهنجو ٻانهو هن آزمائش جي باوجود وردَ ۽ وظيفا پڙهي ٿو يا نہ؟

تنهنڪري ڪنهن تي تنقيد ڪرڻ بدران الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فيضان تي نظر رکو. جيڪڏهن رب کي منظور ٿيو تہ سڀ مرض ختم ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن الله پاڪ امتحان وٺي تہ ان تي بہ راضي رهڻ گهرجي.

جے سوہنا میرے دُکھ وچ راضی تے میں سُکھ نوں چُلھے پاواں

## ڇا آڱوٺا چمڻ فرض آهي؟

**وسوسو:** نامِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱوٺا چُمڻ کي اوهان فرض يا واجب چوندا آهيو.

**جواب:** نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو اذان ۽ اقامت جي وقت ٻڌي آڱوٺا چُمي اکين تي رکڻ نہ فرض آهي نہ واجب آهي ۽ نہ ئي سنّتِ موءڪده. بلڪ هي هڪ ”مستحب ڪم“ آهي. ڪريو تہ سٺو آهي، نہ ڪرڻ واري کي گنهگار نہ چيو ويندو. اهلِ سنّت وٽ هي مسئلو آهي ۽ اسان جا دليل بہ ان تي آهن. ها! جيڪو بہ هن پاڪيزه عمل کي گناه سمجهندو تہ اهو ضرور گنهگار آهي، ڇو تہ جنهن شيءِ کي شريعت گناه ناهي چيو ان کي جيڪو گناه چوندو تہ هو پاڻ گنهگار ٿيندو.

لحد کا خوف کیوں ہو روزِ محشر کا ہو کیا کھٹکا
لیے جاتا ہوں دل پر لکھ کے میں طغرا محمد کا

(قباله بخشش، ص 55)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net